شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مختلف فرمانن جو مجموعو

# امیرِ اهل سُنت

# جا 121 ارشاد

سنڌي

(قسط 5)



پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَیْنَا حِکْمَتَکَ وَانْشُرْ عَلَیْنَا رَحْمَتَکَ یَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِکْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **اميرِ اهلِ سنّت جا 121 ارشادَ**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڪيتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مختلف فرمانن جو مجموعو بنام

# اميرِ اهلِ سنّت جا 121 ارشادَ

پيشڪش المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اميرِ اهلِ سنّت جا 121 ارشاد

**دعاءِ خليفهءِ اميرِ اهلِ سنّت:** ياربَّ المُصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو "**اميرِ اهلِ سنّت جا 121 ارشاد**" پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي پنهنجي اصلاح ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻئي کي بہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان بچائڻ وارو بڻاءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "جنهن مون تي جمعي جي ڏينهن بہ سو ڀيرا درود شريف پڙهيو ان جا بہ سو سالن جا گُناهہ معاف ٿيندا." (جمع الجوامع للسيوطی، 199/7، حديث:22353)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

ماڻهن جي هدايت جو هڪ ذريعو الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت ۾ ويهڻ ۽ انهن جي ارشادن تي عمل ڪرڻ بہ آهي، جوتہ اولياءِ ڪرام جي گفتگو ۾ عام طور تي قرآن ۽ حديث جو خلاصو هوندو آهي، پڻ اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ عام ماڻهن جون ڳالهيون اهڙي طرح دل تي اثر ناهن ڪنديون جهڙي طرح ڪنهن ڪامل ولي جي هڪ نظر يا هڪ ڳالهہ اثر ڪري ويندي آهي، ان جو سبب اِهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هي الله وارا هر وقت الله کي راضي ڪرڻ، ان جي عبادت ڪرڻ ۽ سندس

قرب حاصل ڪرڻ ۾ مصروف رهندا آهن، جن جي آذار تي الله پاڪ ڪين خاص انعامن ۽ اعزازن سان نوازيندو آهي، جنهن جي ڪري ماڻهو انهن سان محبت ڪندا آهن ۽ انهن جي ڳالهين کي خاص اهميت ڏيندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو شمار به الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن ۾ ٿيندو آهي، سندن حڪمت ڀريون ڳالهيون ٻڌڻ وارو ۽ سندن بابرڪت صحبت اختيار ڪرڻ وارو شخص محروم ناهي موٽندو بلڪ علم ۽ حڪمت جا ڪيترائي موتي حاصل ڪري وڃندو آهي ۽ پاڻ کي خوش نصيبن ۾ شمار ڪندو آهي، لهٰذا اوهان به هيءُ رسالو ”امير اهل سنت جا 121 ارشاد“ پڙهو، سندن حڪمت ڀرين ڳالهين تي عمل ڪندي خوب خوب فائدو حاصل ڪيو:

## اميرِاهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ارشاد

(1) مسلڪِ اعليٰ حضرت، عين شريعت جي مطابق ادب وارو آهي، اسان کي اُن تي مضبوطي سان هلڻو آهي. (2ذى الحجہ 1436 مطابق 16ستمبر 2015)

(2) شريعت اسان جو معيار آهي، شريعت جنهن کي جائز قرار ڏنو آهي اهو جائز ۽ جنهن کي ناجائز قرار ڏنو آهي اهو ناجائز آهي.

(10 ذى الحجہ 1436 مطابق 24ستمبر 2015)

(3) ”عيد مبارڪ“ سلام ڪرڻ کان پوءِ چيو وڃي. ۽ ”خيرمبارڪ“ چوڻ کان پهريان سلام جو جواب ڏنو وڃي. (11ذى الحجہ 1436 مطابق 26ستمبر 2015)

(4) عيد مبارڪ دعا آهي، ان جي معنيٰ آهي ته اوهان جي حق ۾ عيد برڪت واري ٿئي. (11ذى الحجہ 1436مطابق 26ستمبر 2015)

(5) ڀاڪر پائي پُروقار طريقي سان ملڻ گهرجي، ڳلي ملڻ وقت هڪٻئي

ڪي ڪٽڻ ۽ زور ڏيڻ غير مناسب ۽ ايذا پهچائڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو .

(11ذی الحجہ 1436مطابق 26ستمبر 2015)

**(6)** ڪٿي چا ڳالهائڻو آهي، ان جو شعور هجڻ گهرجي.

(18ذی الحجہ 1436مطابق 27ستمبر 2015)

**(7)** صحيح معنيٰ ۾ مُحتاط فِي الدّين (يعني ديني طور تي احتياط ڪرڻ وارو، جائز ناجائز جو خيال رکڻ وارو) اهو آهي، جيڪو ثواب جو حريص( يعني طلب گار) هجي ۽ ڳالهائڻ کان پهريان سوچيندو هجي.

(18ذی الحجہ 1436 مطابق 27ستمبر 2015)

**(8)** مزدور جڏهن اُجرت جو حقدار ٿي وڃي ته بغير ڪنهن سبب جي ان جي اُجرت نه روڪي وڃي، ان کي فوري طور تي اجرت ڏني وڃي ۽ ان کي پريشان نه ڪيو وڃي. (2رمضان 1437، 8جُون 2016،بعدِ عصر )

**(9)** مان پوٽا به مهينا سيدي قطب مدينه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي صحبت ۾ رهيس پر ڪڏهن به سندن کي ٿهڪ ڏيندي نه ڏٺو.

(25رمضان 1437، 30جُون 2016،بعدِتراویح)

**(10)** ڪتابن ۽ رسالن جي ٽائٽل پيج تي قرآني آيتون نه لکيون وڃن، ڇوته ڪنهن بي وضو ڇاپي واپي ان کي هٿ لڳايو ته اهو گنهگار ٿيندو.

(24رمضان 1437، 30جُون 2016،بعدِ عصر)

**(11)** هفتيوار اجتماع ۾ ٻين برڪتن سان گڏوگڏ دل جو نرم هجڻ، خوف خدا ۽ عشقِ مصطفٰي ۾ روئڻ به نصيب ٿيندو آهي.

(23ذی الحجہ 1436 مطابق 10اکتوبر 2015)

(12) جڏھن ڪو قرآن ۽ سُنّت جي مطابق بيان ڪري رھيو ھجي، تہ ڪا اھڙي حرڪت نہ ڪيو جيڪا پنھنجي يا ٻين جي لاءِ توجھ ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻجي. (3محرم1437مطابق 17اڪتوبر 2015)

(13) عام طور ماڻھو پنھنجي موبائل ڪنھن کي ڏيڻ پسند ناھن ڪندا، انھن ۾ راز جون ڳالھيون بہ ھونديون آھن، انھيءَ ڪري ڪنھن کان موبائل نہ گھرڻ گھرجي. (10محرم1437مطابق 21اڪتوبر 2015)

(14) ھيئر ڊريسر(Hair Dresser) پنھنجي دڪان تي ھيءَ تحرير لڪائي لڳائي ڇڏي تہ ”ھتي نہ ڏاڙھي ڪوڙي ويندي آھي ۽ نہ ئي ھڪ مٺ کان گھٽائي ويندي آھي جو علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ”ڏاڙھي ڪوڙائڻ ۽ ھڪ مٺ کان گھٽائڻ ٻئي گناھ آھن ۽ ان جي اجرت وٺڻ جائز ناھي“.(10محرم1437مطابق 21اڪتوبر 2015)

(15) جيئڻو آھي تہ ايئن جيو جو زمانو مثال ڏي.

(20رمضان 1437، 25جُون2016، بعد تراويح)

(16) چشتي، قادري، سُھروردي ۽ نقشبندي سيئي ھڪ درياء مان نڪتل شاخون آھن، سيئي اسان جي لاءِ قابلِ احترام آھن.

(11محرم1437مطابق 21اڪتوبر 215)

(17) علم وارا ۽ علم وارن جي صحبت ماڻڻ وارا (سچا پيروڪار) خودڪشي ناھن ڪندا. (25محرم الحرام 1437 مطابق7 نومبر2015ء)

(18) اسلامي ڀينرن کي ٻہ زانو (يعني التحيات ۾ ويھڻ جيان) ويھي ڪاڌو کائڻ بھتر آھي. (25محرم الحرام 1437مطابق7 نومبر2015ء)

(19) ڪيوِل کي بلاوجھ نہ ماريو، بلڪ ان کي پنھنجي قبيلي کان

بہ جُدا نہ ڪيو، چوتہ اها قبيلي سان رهندي آهي.

(8صفرالمظفر 1437 مطابق21نومبر2015ء)

**(20)** مونکي ”ياسيّدي“ نہ چيو وجي، چوتہ ڪجھ ماڻهن کي اها غلط فهمي ٿي سگهي تہ هي”سيّد“ ٻڌجي ويو آهي، جڏهن تہ مان ميمڻ آهيان، ايئن هُو گنهگار ٿيندا، مان اهڙن کي گناهن کان بچائڻ چاهيان ٿو (22صفرالمظفر1437 مطابق 5دسمبر 2015ء)

**(21)** مڪتبةُ المدينہ (شعبہءِ عربي ڪتب) تان گهٽ مان گهٽ هڪ ڪتاب خريد ڪيو، پڙهڻ جي صلاحيت نہ هجي تہ ڪنهن سُني عالم کي تحفي طور ڏيو. (22صفرالمظفر1437 مطابق 5دسمبر 2015ء)

**(22)** صرف مستند عالمِ دين يا انهن جو تصديق ڪيل ڪلام پڙهڻ گهرجي. (25صفرالمظفر1437 مطابق7دسمبر 2015ء)

**(23)** مذهبي حليو هجڻ سان گڏوگڏ ذهن بہ مذهبي هئڻ گهرجي.

(يکم ربيع الاول 1437مطابق 13دسمبر 2015ء)

**(24)** عبادت ۾ دل لڳڻ، دلي سُڪون حاصل ٿيڻ، سرور اچڻ روحانيّت آهي. (يکم ربيع الاول 1437 مطابق 13دسمبر 2015ء)

**(25)** منهنجي زندگي دعوت اسلامي آهي. ( يکم ربيع الاول 1437 مطابق 13دسمبر 2015ء)

**(26)** 100 ڪتاب هڪ طرف، هڪ گهڙيءَ جي چڱي صحبت هڪ طرف.

(يکم ربيع الاول 1437 مطابق 13دسمبر 2015ء)

**(27)** مونکي اردو سان محبت آهي، چوتہ ڪنزالايمان، تفسير خزائن العرفان، فتاويٰ رضويہ ۽ بهار شريعت وغيره اردو ۾ آهن.

( يکم ربيع الاول 1437 مطابق13دسمبر 2015ء)

(28) سنين سنين نيتن سان هر گهر جي ڊرائينگ روم وغيره ۾ ڪتابن جي الماڙي جي ترڪيب ٺاهي وڃي ۽ ان جو نالو "مدني لائبريري" رکيو وڃي. (2ربيع الاول 1437 مطابق14 دسمبر 2015ء)

(29) تمام عاشقانِ رسول اسلامي ڀينرن جي خدمت ۾ مدني التجا آهي ته پنهنجي، گهر، ڪاروبار جي جڳهه، دفتر، ڪلينڪ، شوروم، اوطاق يا پنهنجي ڊرائنگ روم وغيره ۾ جتي ٿي سگهي "مدني لائبريري" قائم ڪيو. (فرسٹ جمادی الاولیٰ 1436ھ 20فروری2015)

(30) موجوده دور ۾ اکين جو قفل مدينہ لڳائڻ مشڪل آهي ناممڪن نہ آهي، بنا ضرورت گهر کان ٻاهر نہ نڪرو، گهر کان ٻاهر نڪرڻو پئي تہ نگاهون هيٺ رکو، بي اختيار ڪنهن نامَحرم(عورت) تي نظر پئجي وڃي تہ فوراً نگاهہ هٽائي ڇڏيو. اهڙي هنڌن تي گهٽ وڃو، جتي عورتون بي پرده هجن مثلاً بازار وغيره. (2رمضان 1437، 8جُون2016،بعدعصر)

(31) اسان کي گهر جي روشني سان گڏو گڏ قبر جي روشني جي بہ فڪر ڪرڻ گهرجي. (3ربيع الاول 1437 مطابق15دسمبر 2015ء)

(32) جشنِ ميلاد جي خوشي ۾ چراغان ضرور ڪيو ۽ پنهنجي جسم کي سُنتن ۽ اخلاقِ حسنہ کان آراستہ ڪرڻ کان بہ غافل نہ ٿيو.

(3ربيع الاول 1437 مطابق15 دسمبر 2015ء)

(33) اسلام قربانين جو مجموعو آهي، دينِ اسلام تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي تبليغ جي لاءِ قرباني ڏيڻي پوندي آهي.

(25رمضان1437، 30جُون 2016،بعدتراويح)

(34) شريعت جي اجازت کانسواءِ مڪ کي بہ تڪليف ڏيڻ جي اجازت ناهي. (3ربيع الاول 1437 مطابق15 دسمبر 2015ء)

(35) اسان کي مسلمانن جي لاءِ نرم، نرم، نرم هجڻ گهرجي.

(3ربيع الاول 1437 مطابق15 دسمبر 2015ء)

(36) مرڻ واري جي لاءِ سيني کان وڏو تحفو دعاءِ مغفرت آهي.

(3ربيع الاول 1437 مطابق15 دسمبر 2015ء)

(37) خوفِ خدا جون ڳالهيون سنجيده ۽ غم واري انداز ۾ ڪرڻ ئي فائديمند آهي. (3ربيع الاول 1437 مطابق15 دسمبر 2015ء)

(38) سمهڻ جي لاءِ اها چٽائي استعمال ڪئي وڃي جيڪا عام طور مڙدي جي هيٺان ڪٽ تي وڇائي ويندي آهي ته جيئن موت جي ياد ايندي رهي. (3ربيع الاول 1437 مطابق15 دسمبر 2015ء)

(39) نماز ۾ سورتون بدلائي ڪري پڙهڻ سان به خشوع حاصل ٿيندو آهي.

(9جمادی الاخریٰ 1437، 19مارچ 2016)

(40) منهنجي طرفان اسلامي ڀينرن کي ٻارهين جي موقعي تي سجاوٽ ڏسڻ جي لاءِ پنهنجي گهر کان نڪرڻ جي اجازت ناهي.

(4ربيع الاول 1437مطابق 16دسمبر2015ء)

(41) جيڪو غوث پاڪ(رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) کان جيتري وڏيڪ عقيدت رکندو، ان کي اوترو وڏيڪ فيضان (يعني دنيا ۽ آخرت ۾ فائدو) حاصل ٿيندو. (5ربيع الاول 1437 مطابق 17دسمبر2015ء)

(42) مدينو شريف، نزولِ رحمت، برڪتن جو مرڪز ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پسنديده شهر آهي. (5ربيع الاول 1437 مطابق 17دسمبر2015ء)

(43) ايمان جو ضايع ٿيڻ، سيني کان وڏي مصيبت آهي.

(5ربيع الاول 1437 مطابق 17دسمبر2015ء)

(44) سيّد سڳورا اسان جي مٿي جا تاج آهن. (5ربيع الاول 1437 مطابق 17دسمبر2015ء)

(45) نعت شريف پڙهڻ عبادت آهي. (5ربيع الاول 1437 مطابق 17دسمبر2015ء)

(46) جيڪو درمصطفيٰ(صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو جيترو وڏو فقير آهي، اهو اوترو ئي وڏو امير آهي. (5ربيع الاول 1437 مطابق 17دسمبر2015ء)

(47) سوڙهين گهٽين ۾ ميلاد جو جلوس ڪڍڻ بجائي، ڪشاده هنڌن تي ترڪيب ٺاهي وڃي ته جيئن گاڏي هلائڻ ۽ پيادل هلڻ وارن کي تڪليف نه ٿئي. (5ربيع الاول 1437 مطابق 17دسمبر2015ء)

(48) اخبارن ۾ مقدس تحريرون به هونديون آهن، انهيءَ ڪري ان سان هٿ صاف نه ڪيا وڃن. (3رمضان 1437، 8جُون2016،بعد تراويح)

(49) مسلمانن تي هرويرو شڪ ڪرڻ ڇڏي ڏيو ۽ حُسنِ ظن (يعني چڱو گمان) رکو ڇوته مسلمانن سان حُسنِ ظن رکڻ ثواب جو ڪم آهي. (24رمضان 1437، 30جُون2016،بعد عصر)

(50) اسان کي هر آزمائش تي صبر ۽ هر نعمت تي شڪر ادا ڪرڻو آهي.

(6ربيع الاول 1437 مطابق18دسمبر 2015ء)

(51) ربيع الاول ۾ ميلاد مصطفيٰ(صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) جي خوشي ۽ عظمتِ مصطفيٰ (صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) جي اظهار جي نيت سان چراغان ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي. (17رمضان المبارڪ1436، 5جولائی2015بعد عصر)

(52) جشنِ ميلاد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ چڱي نيت ۽ شريعت جي پاسداري (يعني شريعت تي عمل) ضروري آهي.

(8ربيع الاول 1437 مطابق 20دسمبر2015ء)

(53) جشنِ ولادت تي جهندو لهرائڻ سان خوشي جو اظهار ٿئي ٿو.

(8ربيع الاول 1437 مطابق 20دسمبر2015ء)

(54) تاجدار مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي حُجري شريف، منبر شريف جو درمياني حصو "رَوضةُ الجَنّة (يعني جنت جي کياري) آهي. عام ڳالهه ٻولهه ۾ ماڻهو ان کي رِياضُ الجنَه چوندا آهن، پر اصل لفظ "رَوْضةُ الجَنّة" آهي. (9ربيع الاول 1437 مطابق 21دسمبر2015ء)

(55) مدني چينل ڳالهائيندڙ ڪتاب آهي، مدني چينل پاڻ به ڏسو ۽ ڏسڻ جي دعوت به ڏيو، هي ثواب جو ڪم آهي.

(9ربيع الاول 1437 مطابق 21دسمبر2015ء

(56) دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان عملي طور وابسته رهو، ٻنهي جهانن جون ڀلايون حاصل ٿينديون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! .

(9ربيع الاول 1437 مطابق 21دسمبر2015ء)

(57) نماز سيني ڪمن کان وڌيڪ اهم آهي.

(11ربيع الاول 1437 مطابق 23دسمبر2015ء )

(58) حاجي مشتاق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي چوڻ تي مون ڀيريون پيرو"مرحبا يا مصطفي" جو نعرو 12 ربيع الاول تي لڳايو، اَلْحَمْدُلِله! هاڻي اهو نعرو عام ٿي ويو آهي . (12ربيع الاول 1437 مطابق 24دسمبر2015ء)

(59) جشنِ ولادت ملهائڻ سان محبتِ رسول ۾ اضافو ٿيندو آهي.

(12ربيع الاول 1437 مطابق 24دسمبر2015ء)

(60) بارگاهه رسالت ۾ ٻنهي جهانن جي ڀلائين ۽ مغفرت جو سوال ڪرڻ گهرجي. (13ربيع الاول 1437 مطابق 25دسمبر2015ء)

**(61)** مال جي بجائي، موليٰ جي محبت ملي وڃي تہ ڇا ڳالھ آھي.

(13ربيع الاول 1437 مطابق 25دسمبر2015ء)

**(62)** مونکي ديني ڪتابن جي قيمت ڪي ”هديو“ چوڻ پسند آھي.

(13ربيع الاول 1437 مطابق 25دسمبر2015ء)

**(63)** جلوسِ ميلاد ۾ تفريحي ڪرڻ جي لاءِ نہ بلڪ احترام طور شرڪت ڪيو. (13ربيع الاول 1437 مطابق 25دسمبر2015ء)

**(64)** ٻارن کي چڱا ڪم ڪرڻ تي حوصلہ افزائي ڪندي انعام ڏيڻ گھرجي. (15ربيع الاول 1437 مطابق 26دسمبر2015ء)

**(65)** اللّٰہ پاڪ سان حُسنِ ظن (يعني چڱو گمان) رکڻ گھرجي تہ هو ڪريم ۽ مهربان آھي ۽ مون سان صرف ڪرم وارو معاملو فرمائيندو. هُو پنهنجي فضل سان مون کي رسوا نہ ڪندو ۽ مونکي بخشي ڇڏيندو. (15ربيع الاول 1437 مطابق 26دسمبر2015ء)

**(66)** ربيع الاول کان بعد چراغان جي لاءِ لڳايل لائٽون وغيره لاهي ڇڏيو. (15ربيع الاول 1437 مطابق 26دسمبر2015ء)

**(67)** تمام عاشقانِ رسول پهرين ربيع الاول تي جهنڊا لڳائين ۽ ٻارهين ربيع الآخر تي لاهي ڇڏين. (15ربيع الاول 1437 مطابق 26دسمبر2015ء)

**(68)** مدني جهنڊا، وڏا وڏا پرچم ۽ بينر سيئي لاهي محفوظ ڪيو ۽ اڳئين سال وري لڳائڻ جي ترڪيب ڪيو. (15ربيع الاول 1437 مطابق 26دسمبر2015ء)

**(69)** هرهڪ کي گھرجي تہ ٻين کان شيون گھرڻ کان بچن، جيڪڏهن اها عادت مضبوط ٿي وئي تہ ان جا دنياوي فائدا بہ حاصل ٿيندا آهن. (20ربيع الاول 1437 مطابق 31دسمبر2015ء)

(70) توبہ تي استقامت جي لاءِ ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو.

(20ربيع الاول 1437 مطابق 31دسمبر2015ء)

(71) بهارِ شريعت جون ٽئي جلدون هر گهر ۾ هجڻ گهرجن.

(20ربيع الاول 1437 مطابق 31دسمبر2015ء)

(72) مائٽن ۾ وڃي ساهرن جون گلائون ۽ ساهرن ۾ اچي مائٽن جون تعريفون نہ ڪرڻ گهرجن. (28شعبان1436ھ مطابق 15 جون 2015)

(73) يارهين شريف جا ڪيئي فضائل آهن، جنهن سان ٿي سگهي اهو ان جو اهتمام ضرور ڪري. جنهن گهر ۾ هر مهيني يارهين شريف جو اهتمام ٿيندو اهو سندن برڪتون پنهنجي اکين سان ڏسندو. (24رمضان 1437، 30جُون 2016،بعد عصر)

(74) مائٽن ۾ شادي ڪرڻ سان اتفاق جا امڪان وڌي ويندا آهن، پر تاڪيد اها آهي تہ هميشہ چڱي سيرت کي سامهون رکيو وڃي. پهريان سيرت پوءِ صورت ڏسو. (29ربيع الاول1437 مطابق 09جنورى 2016)

(75) اللّٰہ پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ، نفس تي تمام ڳرو هوندو آهي، ان ڪري جيئن ئي نيت ڪيو، فوراً ڏئي ڇڏيو چوتہ دل بہ بدلي ويندي آهي. (29ربيع الاول1437 مطابق 09جنورى 2016)

(76) جيڪڏهن ڪا تقريب ٿي تہ اُن ۾ مذهبي رنگ هجڻ گهرجي، سالگرهہ ڪرڻو هجي تہ فاتحہ پڙهي ڪري ايصال ثواب جي ترڪيب بڻايو، تاڙيون وڄائڻ ۽ مردن ۽ عورتن جو اختلاط(يعني ميل جول ۽ ڪوبہ غير شرعي ڪم) نہ هجي. (2ربيع الاخر1437 مطابق 12جنورى 2016)

(77) پاڙي واري مسجد جو گهڻو اثر ٿيندو آهي، گهر اُن پاڙي ۾

ونڻ گهرجي، جتي مسجد يارهين ۽ ٻارهين ملهائڻ وارن جي هجي.

(2ربيع الاخر1437 مطابق 12جنوری 2016)

(78) ڪوشش ڪئي وڃي تہ ڪنهن جو احسان نہ ڪنيو وڃي، ايئن خوداري سان وقار بلند ٿيندو آهي. (3ربيع الاخر1437 مطابق13 جنوری 2016)

(79) وسوسن جو هڪ علاج اهو بہ آهي تہ ان جي طرف ڌيان نہ ڏيو.

(4ربيع الاخر1437 مطابق14 جنوری 2016)

(80) غلطي تسليم ڪرڻ سان عزت گهٽجندي ناهي بلڪ وڌندي آهي. (4ربيع الاخر1437 مطابق14 جنوری 2016)

(81) سنو اهو آهي جيڪو الله ۽ رسول وٽ سنو هجي.

(5ربيع الاخر1437 مطابق15 جنوری 2016)

(82) غوث پاڪ ۽ اعلي حضرت(رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِما) جي خلاف ڪجھ ٻڌڻ جي لاءِ الياس قادري جا ڪن ٻوڙا آهن. اسان انهن جي پنيان پنيان هلي رهيا آهيون ۽ اهي اسان کي جنت ۾ وٺي ويندا.اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

(6ربيع الاخر1437 مطابق16 جنوری 2016)

(83) اولياءِ ڪرام جي صحبت هر صورت ۾ فائديمند آهي.

(6ربيع الاخر1437 مطابق16 جنوری 2016)

(84) ذاتي دوستيون تنظيمي ڪمن ۾ رڪاوٽ آهن.

(7ربيع الاخر1437 مطابق17 جنوری 2016)

(85) هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع کان بعد اسلامي ڀائرن سان ملندا ڪيو، ايئن ئي هليا نہ ويندا ڪيو، انهن سان سٺي نموني ملڻ سان اهي ديني ماحُول سان وابستہ ٿي ويندا. (7ربيع الاخر1437 مطابق17 جنوری 2016)

(86) ملنسار(يعني خوش اخلاق) بڻجي وڃو، جيڪڏهن فطري طور تي ملنسار نہ آهيو، تہ زبردستي ملنساري ڪيو.

(7ربيع الاخر1437 مطابق17 جنوري 2016)

(87) ننهن جيڪڏهن سَسُ سهري جي خدمت ڪندي تہ ان ڪي شوهر جي رضا نصيب ٿيندي. (22رمضان 1437،27جُون 2016،بعد تراويح)

(88) جيڪا دعا ياد ڪرڻي هجي، ان کي لکي ڪري ان هنڌ لڳائي ڇڏيو جنهن تي نظر پوندي رهي، اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! جلد ياد ٿي ويندي.

(8ربيع الاخر1437 مطابق18 جنوري 2016)

(89) سَسُ پنهنجي ننهن ڪي ڏيءَ ڪان وڌيڪ اهميت ڏي، تہ گهر امن جو گهوارو بڻجي ويندو. (9ربيع الاخر1437 مطابق19 جنوري 2016)

(90) اولياءِ ڪرام جا مزار ۽ گنبذ بنائڻ جو مقصد اهو آهي تہ ماڻهو انهن جي طرف رجوع ڪن، فيض وٺن ۽ برڪتون ماڻين.

(10ربيع الاخر1437 مطابق20 جنوري 2016)

(91) هرشخص روزانو هڪ نمازي بڻائي تہ سيئي مسلمان نمازي بڻجي ويندا. (11ربيع الاخر1437 مطابق21 جنوري 2016)

(92) منهنجي مرشدِ گرامي قطب مدينہ، حضرت مولانا ضياء الدين احمد مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون ڏي خط موڪليو، جنهن ۾ بيعت ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ تحرير فرمايو: اوهان جي سلسلي ۾ هڪ بہ نيڪ ٻانهو داخل تي ويو تہ اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم اوهان جي بخشش جو باعث ٿيندو.

(11ربيع الاخر1437 مطابق21 جنوري 2016)

(93) پنهنجي پاڻ ڪي شخصيت تسليم نہ ڪرڻ گهرجي، جنهن جو ايمان تي خاتمو ٿيو ۽ الله پاڪ ان سان راضي تي ويو ۽ اهو جنت ۾

هليو ويو تہ حقيقت ۾ اهو ”وڏو انسان“ آهي.

(12ربيع الاخر1437 مطابق22 جنوری 2016)

(94) بعض اوقات سوال، معلومات جو ذريعو هوندا آهن.

(12ربيع الاخر1437 مطابق22 جنوری 2016)

(95) مسلمان کي راحت پهچائڻ ثواب جو ڪم آهي.

(13ربيع الاخر1437 مطابق23 جنوری 2016)

(96) ڪنهن جي گھر جي سامهون ڪچرو اڇلائڻ سان گھر وارن کي تڪليف ٿيندي آهي، گھر وارن کان معافي گھرو ۽ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ بہ توبہ ڪيو. (13ربيع الاخر1437 مطابق23 جنوری 2016)

(97) ڪنهن کي سڪون ڀلي نہ پهچائي سگھو تہ تڪليف بہ نہ ڏيو.

(13ربيع الاخر1437 مطابق23 جنوری 2016)

(98) دنيا ۾ جنهن کي دولت ملي وئي، ان کي (مطلقاً يعني هر اعتبار سان) خوش قسمت چوڻ صحيح ناهي، دولت تہ امتحان آهي.

(13ربيع الاخر1437 مطابق23 جنوری 2016)

(99) تفسيرِ ”صِرَاطُ الجِنَان“ علم جو تمام وڏو خزانو آهي.

(19ربيع الاخر1437 مطابق29جنوری 2016)

(100) دنيا اها بُري آهي، جنهن سان آخرت کي نقصان پهچي.

(19ربيع الاخر1437 مطابق29جنوری 2016)

(101) پاڻ ۾ (ديني) ڪتاب تقسيم ڪرڻ جو رواج وجهو.

(20ربيع الاخر1437 مطابق30جنوری 2016)

(102) عاجزي ۽ نرمي ڪيو، تہ توهان سيني جي اکين جا نور بڻجي ويندا.

(20ربيع الاخر1437 مطابق30جنوری 2016)

**(103)** سمجهاڻ ايندو هجي ته انفرادي طور تي سمجهاڻ گهڻو فائديمند آهي. (27ربيع الاخر1437 ، 6فروری 2016)

**(104)** سمجهاڻ به هڪ فن آهي. (27ربيع الاخر1437 ، 6فروری 2016)

**(105)** ٻانهي جي آزمائش ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن ڪيس ڪاوڙ ڏياري وڃي. جڏهن مزاج جي خلاف ڪا ڳالهه اچي وڃي ته برداشت ڪري وڃون ته اسان چڱا آهيون، نه ته چڱا ناهيون.

(27ربيع الاخر1437 ، 6فروری 2016)

**(106)** جيڪي عالم ۽ پير گهر گهر وڃي ڪري خير خيريت پڇندا، ڏُک سُک ۾ شريڪ ٿيندا، حُسنِ اخلاق ۽ نرمي سان پيش ايندا آهن اهي ماڻهن جي دلين ۾ لهي ويندا آهن. (27ربيع الاخر1437 ، 6فروری 2016)

**(107)** دين جو ڪم قرباني گُهرڻ آهي. (14رمضان 1436ھ مطابق 2جولائی2015 بعد عصر)

**(108)** خوفِ خُدا ۽ عشقِ مصطفيٰ اسان جو سرمايو آهي.

(9جمادیٰ الاولی 1437، 18فروری 2016)

**(109)** اولاد جي اسلامي اصولن جي مطابق تربيت ڪرڻ ۽ قرآني حڪم تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. (6رمضان 1437، 11جُون 2016،بعدتراويح)

**(110)** مسلمانن کي چڱو مشورو ڏيڻ يا جائز سفارش ڪرڻ به مسلمان جي حاجت(ضرورت) پوري ڪرڻ ۾ شامل آهي، چڱي نيت جي صورت ۾ ثواب جو ڪم به آهي. (10جمادیٰ الاولی 1437، 19فروری 2016)

**(111)** حقيقت ۾ نيڪ اهو آهي جيڪو دربارِ الٰهي ۾ نيڪ آهي.

(3رمضان 1437، 9جُون 2016،بعدعصر)

**(112)** نيڪوڪار جي لاءِ اهو ضروري آهي ته هُو پنهنجو پاڻ کي نيڪ نه سمجهي، اهو بُزرگن جو دستور آهي.

(10جمادی الاولی 1437، 19فروری 2016)

(113) ظاھري گناھن سان گڏ باطني گناھن جي معلومات حاصل ڪرڻ ضروري آھي. (10جمادی الاولی 1437، 19فروری 2016)

(114) پٽ پيدا ٿي تہ اھا نيت ڪيو تہ مان پنھنجي پٽ کي حافظ قرآن ۽ جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرائي عالمِ دين بڻائيندس.اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم!

(18جمادی الاولی 1437، 27فروری 2016)

(115) مان جڏھن گاڏي ۾ ويھندو آھيان تہ عام طور تي سُواري تي ويھڻ جي دعا پڙھندو يا پڙھائيندو آھيان، توبہ ۽ تجديدِ ايمان ڪندو ۽ سورت قريش جي تلاوت ڪندو آھيان. (25جمادی الاولی 1437، 5مارچ 2016)

(116) ٽرانسپورٽ جا مالڪ ڊرائيورن کي تاڪيد ڪن تہ جڏھن نماز جو وقت ٿي تہ گاڏيون روڪي پاڻ بہ نماز پڙھن ۽ مُسافرن کي بہ نماز پڙھڻ جو چون. (25جمادی الاولی 1437، 5مارچ 2016)

(117) الله ڪري ايئن ٿي وڃي تہ ڊرائيور حضرات مسافرن کي چوڻ شروع ڪن:”اچو نماز پڙھي وٺو.“ (25جمادی الاولی 1437، 5مارچ 2016)

(118) جنھن کي ننڊ نہ ايندي ھجي تہ ”يَاكَرِيْمُ يَاكَرِيْمُ“ جو ورد ڪري.

(25جمادی الاولی 1437، 5مارچ 2016)


(119) تھبند يا پاجامي وانگر جبو بہ پيڏين کان مٿي ھجڻ گھرجي.

(2جمادی الاخری 1437، 12مارچ 2016 )

(120) قبوليت جي لاءِ اخلاص شرط آھي. (2جمادی الاخری 1437، 12مارچ 2016 )

(121) ھيءُ ڳالھ ھميشہ پنھنجي سامھون رکو تہ نيڪين جي بيلنس ۾ گھٽتائي نہ اچڻ گھرجي ۽ گناھن جي بيلنس ۾ اضافو نہ ٿيڻ گھرجي. (9جمادی الاخری 1437، 19مارچ 2016)

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net